ڈاڪٽر بشير چانڊيو 'فياض لطيف'

ميين شاھ عِنات جي شاعريءَ جو فڪري ۽ لسانياتي اڀياس

Abstract:

Miyon Shah Inaat Rizvi (1030, 1035 – 1120, 1125) was born in Nasarpur, a city famous for its cultural diversity and fertility. He was a prominent classical sindhi poet of 18th century, known for his great contribution to Sufism, sindhi language, literature, limerick and music. His poetry is characterized by its mystical themes, exploring love, devotion, spirituality, humanity and the beauty of cosmos.

He was not only greatly influenced by the Sufi tradition, folk stories and folk wisdom of Sindh but his thought provoking refrains, feelings and art has had ever lasting impacts on sindhi language, literature and culture. He composed his inner being in his verses in such a very impressive way, using inimitable merger of classical and folk language, making his rhymes accessible to a wide audience.

Legacy of Shah inaat rizvi is so appealing and inspiring in all means and multitudes that his visionary words and verses, not only attracted Shah Abdul latif bhatti, sachal sarmast and other prodigious Sufi poets but his melodies inclined generations of writers and poets, especially in Sindh and all over Pakistan.

In this research article, we have discussed and tried to explain linguistic and literal metaphor, symbolism, splendour and aesthetics in the poetry of Miyon inaat, and prove with illustrations from his poetry that shah inaat rizvi not only has had a huge command on sindhi language but he has enormous poetic skills, encouraging creative expression and effective communication. His poetry themes and thoughts, his imagery and emotions remain relevant across the time. Overall, his poetry has immense power to touch hearts, minds and sensitivity of sole and society. No doubt, he is a poet of all times and all tendencies.

ميون شاھ عنات رضوي اَساسي سنڌي شاعريءَ جو، نہ فقط حقيقي مَھندار ۽ گھڻ رُخين نَيُن روايتن جو اَمين شاعر آھي، پر ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو پھريون صاحبِ اَسلوب، فني، فڪري ۽ موضوعاتي طرح وڏي وسعت رکندڙ، نئين شعري صنفن جو موجد، تخليقي حِسيت توڙي تھذيبي قدرن، ثقافتي اُپٽار، لوڪ داستانوي انداز، ٻوليءَ جي سَلاست، خيال جي ڳوڙھائيءَ، احساس جي خوبصورتيءَ، تخيل جي تازگيءَ، جمالياتي اظھار ۽ اَڇوتي مجازي رنگ جي شاعريءَ جو نِرالو سِرجڻھار آھي. ھُن جي شاعريءَ مان، نہ صرف سنڌ جي تھذيب، تمدن، تاريخ، ڪلچر، لوڪ دانش، لوڪ ڪردارن، فطري مظھرن، داخلي احساسن، پنھنجي مٽيءَ ۽ ماڻھن جي مسئلن جي سُڌ پوي ٿي، پر سندس ڪلام مان اُن دور جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ فڪري شعور جا اولڙا پڻ پَسي سگھجن ٿا.

"ميين شاھ عنات کان اڳ مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان سنڌي شاعرَ ۾ گروھن ۾ ورھايل ھئا. ھِڪڙا چارڻ، يَڏَ، يانَ ۽ سُگھڙ، جن عوامي قصن ۽ داستانن، واقعن ۽ جنگين کي ڳائي، عوام کي پئي وِندرايو ۽ ٻيا عَالِمَ، سالِڪَ ۽ صوفي دَرويش، جن توحيد ۽ طريقت، دين ۽ اخلاقيات جي بُلند نظرين جي تبليغ خاطر، شاعري پئي ڪئي. ميون شاھ عِنات پھريون ممتاز شاعر آھي، جنھن جي ڪلام ۾ ھِن ٻہ درياھيءَ جو پورو سَنگم نظر اچي ٿو."[1]

يعني ھُن جي شاعريءَ ۾ لوڪ، نيم تاريخي ۽ عوامي رنگ ٻہ ملي ٿو تہ، صوفياڻي ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جي سُرت ۽ سُندرتا ٻہ چگيءَ پَر پَسي سگھجي ٿي. ميون عِنات پنھنجن مُتقدمين، خاص ڪري قاضي قادن ۽ شاھ عبدالڪريم بُلڙيءَ واري کان توڙي جو صوفياڻي، مُفڪراڻي ۽ فني روايتن جي حوالي کان مَرغوب ۽ متاثر آھي، پر ھُن سنڌي شاعريءَ کي پنھنجي باڪمال ڏات ۽ ڏاڻءَ سان روايتي اَسلوب، لوڪ، رزميہ، ڪٿائي ۽ قصا گو روايتن مان ڪيو، فني، فڪري ۽

جمالياتي سطح تي هڪ نئين، نرالي ۽ اڇري ڪلاسيڪل پَد تي پهچايو. جنهن جو نہ رڳو روح ۽ رنگُ، وَنُ ۽ واسُ پنهنجو آهي، پر اُن ۾ زندگي پنهنجي پوري جوتِ ۽ جمال سان جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي.

راتيون، باتيون چند سين، مَجيان سُکائون،
پرهَ جو پانڌي پُڇان، اُکندبي آئون،
سِجَ سونهارا! سيد چئي، خَبَرَ ڏِجاهُون،
هِتِ آهين اُتاهون، هُتِ ٿو پَسين پرينَ کي.
(ب- 2010ع، سرود کنيات، ف-1، ص99)

مٿئين بيت ۾ هڪ طرف فڪري گهرائي، احساساتي تازگي ۽ ڪمال جي رومانوي رنگيني ملي ٿي تہ، بي طرف اندروني قافين ۽ حرف تجنيس جي جهجهي ۽ وٽندڙ ستاءَ جي خوبي ۽ خوبصورتي ماڻهوءَ کي پنهنجي مَنڊَ ۾ مُنڊبي ڇڏي ٿي. اُن کان علاوه بيت ۾ ’سِجَ ۽ چَندَ‘ کي سونهندڙ علامتي انداز ۾ پيش ڪري، اُن کي نہ فقط وڌيڪ موهيندڙ ۽ لُبائيندڙ بڻائي پيش ڪيو ويو آهي، پر شاعراڻي اظهار ۾ عوامي لب و لهجو (خاص ڪري ’سِجَ‘ کي ’سِجُ‘ ۽ ’ڏِجُ‘ کي ’ڏِجاهون‘ طور) اَپنائي، بيت ۾ جيڪا احساساتي سادگي ۽ معنوي سونهن پيدا ڪئي وئي آهي، اُها قابلِ ديد ۽ قابلِ تحسين آهي.

”قاضي قادن شعر ۾ فڪر، تصوف ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل فلسفيانہ سوالن کي موضوع بڻايو. ايئن ئي دوهي ۽ سورٺي ۾ تجربا ڪري، اُن کي بيت جي سطح تي وڻي آيو. شاهہ ڪريم، قاضي قادن جي اختيار ڪيل گهاڙيٽي جي اَڌورن تجربن کي مڪمل ڪيو. اُن جي رُڪاوٽ ۽ ڪهراڻي ختم ڪئي، موضوعاتي سطح تي اُن ۾ رومانوي جذبات ۽ پيشڪش ۾ جماليات پَري. قاضي قادن جي ٻولي تمام ٿوس آهي، شايد اُن ڪري، جو هُن وٽ جذبي تي ويچار ۽ فڪر کي فوقيت حاصل آهي. شاهہ ڪريم بيت ۾ نفاست آندي، تصور جو حُسن پيدا ڪيو، شعر جي سونهن وڌائڻ لاءِ منظر نگاري ۽ شعري صنعتن کي کَتب آندو. پهريون پيرو شاهہ ڪريم ئي تاريخي داستانن کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اُهو ڇُهڻ جي حد تائين هُيو ۽ سرسري ۽ مَٽاچرو آهي. ميين عِنات اُهي تاريخي داستان ئي نہ، ٻيا ڪئين موضوع ۽ ڪردار بہ سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ڪيا. هُن هڪ ئي موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لِکي، سُر لِکڻ جي روايت قائم ڪئي. مٽان اُن کي سُر يا سرود سَڏي، شاعريءَ کي موسيقيءَ جي قريب آندو. هُن سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئون اَسلوب ۽ معياري لب و لهجو عطا ڪيو. ٻولي ايتري تہ اصلوکي، زندگيءَ سان ڀرپور، رَسيلي ۽ پُراثر استعمال ڪيائين، جو بعد ۾ اُن کي ئي شاهہ لطيف جي ٻولي بڻجڻ جو شرف حاصل ٿيو.“[2]

ميين عِنات پنهنجي شاعريءَ جي ٻوليءَ کي پنهنجي فني مَهارت سان، نہ رڳو مُترنم ۽ موهيندڙ بڻايو آهي، پر اُن جي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي رنگ کي پڻ قائم رکيو آهي. هُن پنهنجي ڪلام ۾، دل جي داخلي احساسن، جذبن، اُمنگن، پرينءَ جي وَصل ۽ وِڇوڙن جي ڳاراڻن ۽ ڳالهين کي اُورڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي مَعروف لوڪ داستانن، تاريخي ماڳن مَڪانن، تهذيبي تمثيلن، ثقافتي ٽاڻن، پورهيتن، پَنهوارن، سَنياسين، سَخين، جوڳين، جونجهارن ۽ اَنيڪ عوام دوست ۽ روشن خيال ڪردارن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻايو آهي. اُن طرح هُو پنهنجي شاعريءَ کي روايت، لوڪ ۽ اَساسي رَندن ۽ پَنڌَن تي گامزن رکندي بہ، هڪ اڇري نئين ۽ ڪُشادي شاهراهہ تي وڻي آيو، جتي سندس شاعريءَ ۾، نہ رڳو دل کي موهيندڙ نوان مَنظر ۽ مَظهر نظر اچن ٿا، پر اُن ۾ تفڪر ۽ تصور جي هڪ نئين ۽ نرمل دنيا بہ ملي ٿي، جيڪا ماڻهوءَ کي آٽت سان گڏوگڏ احساس جي نئين تازگي ۽ فڪري توانائي عطا ڪري ٿي. سندس شاعريءَ ۾ اُلڪي ۽ انتظار جون ڪيفيتون بہ ڪمال جون آهن، جن کي پڙهي ۽ پَسي اندر جي آنڌ مانڌ هوبهو اُها ٿي پوي ٿي، جيڪا هڪ وڻجاري جي اوسيئڙي ۾ وينڊ ۽ سندس جهوريءَ ۾ جهجهندڙ وَنيءَ جي هوندي آهي، جنهن لاءِ وِڇوڙي جو هڪ هڪ پَلُ پُلصراط جهڙو ۽ آس جي هر ساعت سَڪِرات سمان هوندي آهي.

اُيي جَر جُهاريان، پاڻي لئي پريَن،
خِضِر پير خداءِ جو، مان موتائي تِن،
جَنِ گڏيا تن چيو، اِجهي ٿا اَچِن،
وڃي وِلاتُنِ ۾، جُڳَ لڳا ڪي جِن،
سَئين سُرهايون لائيان، تَنَ ڪي ڪارڻ تِن،
الاهي! عِناتُ چَئي، سيئي مُحبَ مِلَن،
آنءُ سيُ ڳَرهيان اُن، ڳالهڙيون فِراق جون.
(ب- 2010ع، سرود سِريراڳ، ف- 2، ص120)

ميون عِنات رضوي پنهنجي صدين جي تاريخي، تهذيبي، ثقافتي ۽ لوڪ ورثي کان علاوه پنهنجن پيشروئن قاضي قادن، شاهه ڪريم کان متاثر ضرور آهي، پر اُن جي باوجود هُو پنهنجي فڪر، فن، اَسلوب، اِظهار توڙي شاعريءَ جي مِقداري ۽ اِقداري معيار جي لحاظ کان يَڪسر مختلف ۽ بنهه الڳ ٽلڳ نظر اچي ٿو. مِقدار توڙي جو ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ جي پَرک جو پيمانو نه آهي، پر بهرحال اُن جي پنهنجي طور تي وُقعت ۽ حيثيت ضرور آهي. اُنهيءَ لحاظ کان ڏسجي تہ، قاضي قادن جا 112 کان مٿي ۽ شاهه ڪَريم جا ڪُل 93 بيت مِلي سگهيا آهن، جڏهن تہ شاهه عِنات جا 469 بيت ۽ 42 وايون مِليون آهن. ميين عِنات جو اُهو ڪلام، نہ فقط تعداد جي لحاظ کان اُن دور جي سندس مِڙني مُتقدمين توڙي همعصر شاعرن جي موجود ۽ هٿ آيل ڪلام کان وڌيڪ، سَوايو ۽ سَرس آهي، پر معيار، موضوعن، فڪر ۽ فن جي حوالي کان پڻ اِنتهائي مثالي ۽ ممتاز آهي.

ميين صاحب هڪ طرف پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجن پيشروئن جي اَملهه صوفياڻي ورثي، فڪري، اخلاقي، ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن کي پنهنجن سُرودن 'ڪَلياڻ، ڪُنيات، رامڪلي، جُمن، پريات، سِريراڳ، سورٺ، مومل، مارئي، توڏي، ڏَناسري، ڪاپائتي، ڪارائيڙي ۽ ڪاموڏ' ۾، علامتي انداز سان سَمايو ۽ اظهاريو آهي تہ، بي طرف سنڌ جي صديون پُراڻن تاريخي قصن، ڪٿائن ۽ داستانن جي سُورمين جي سونهن ۽ سُندرتا کي موهيندڙ پيرايي ۾ بيان ڪري، ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ مجازي حُسن ۽ جمالياتي روايت کي پهريون پيرو مُنفرد ۽ موثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. نموني طور هينيان چند بيت مُلاحظ ڪريو:

رَهين پاسِ پريَن، تہ ڪوهُ طَبيبَ طَلبئين،
اَندرِ جا، عِناتُ چئي، ڏيڪارِ مَ ڏَڏَنِ،
هٿئون حَبيبَنِ، دِلِ جو دَردُ دَفعُ ٿِئي.
(ب- 2010ع، سرود جمن، ف- 2، ص93)

-

اَوَڳُڻ اَنتُ نہ ڪوءِ، تُونهين ڄاڻين سُپرين!،
آسَرُ آهِمِ پوءِ، جينءَ اَوَڳُڻ مَٽائي ڳُڻَ ڪريين.
(ب- 2010ع، سرود ڪلياڻ، ف- 1، ص85)

-

چَندُ چوڏس اُپري، سَهسين ڪري سِينگارَ،
پَلڪ پِريان جي نہ پُڄي، جي حِيلا ڪَرين هَزارَ،

جھڑو سَيُ جَمارَ، تھڑو دَمُ دوسَ جو.
(ب- 2010ع، سرود کنيات، ف- 1، ص104)

تارا او تارا، وَنيون وِڇاٽو پرينءَ جو،
سِيئي اَگُڻ آئيا، جي جيَ جا جِيارا،
پَسي پيارا، اَکين آسون پُنِيُون.
(ب- 2010ع، سرود کنيات، ف- 1، ص98)

بلاشبھ شاھ عِنات جي شاعري تخيل، احساس، اظھار توڙي خيال جي گھرائيءَ جي لحاظ کان ھر وَجھ حَسين ۽ ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو بي مثال ۽ اَملھ خزانو آھي، جنھن کي ساڃاھڻ ۽ سوجھڻ لاءِ گھري سُرت ۽ سوجھ ضروري آھي.

اِيَ گَنڊِ چُھنڊيَ نہ چُڙِي، ھَر ھَر ھَٽ مَر پاءِ،
ڪوڙيين وِڌا ڪِيترا، اِنَ وَرَ مُنجھائي ماءِ،
ھَئِي ھَئِي ڪَندا ھاءِ، اِتِ ھاتِڪ ھزارين وِئا.
(ب- 2010ع، سرود آسا، ف- 1، ص217)

ميين شاھ عِنات جي ھڪ وڏّي خصوصيت اُھا بہ آھي تہ، ھُو نہ رڳو شاعريءَ جي فني جُزيات، فڪري نُدرتن، تخيلي ۽ احساساتي لوازمات کان پَليءَ پِتِ آشنا آھي، پر موسيقي ۽ شاعريءَ جي ذّات، ھُن جي روح ۾ رَچيل ۽ سَمايل محسوس ٿئي ٿي. ھُو لفظن کي سِٽن جي سِٽاءَ ۾ جَڙي، فقط شعر نہ ٿو جوڙي، پر ھِن طرح اَندر جي اَحساسن ۽ فطرت جي مَظھرن جي تخليقي عڪس نگاري ۽ نقش نگاري بہ ڪري ٿو.

بادلَ! وَسِئو وَسُ، تو وُنِي وَسَ ٿئي،
اُجِئا جي، عِناتُ چَئي، رات تِني کي رَسُ،
وَڃِ نہ سِکي گاھ کي، رَڃَ نہ لَڳِي ڪَسُ،
نِيڻَ ٽِمندا پَسُ، وَسُ تہ وَرَن سُپرين.
(ب- 2010ع، سرود سارنگ، ف- 2، ص280)

ميين عِنات جي شاعريءَ ۾، تيز نديءَ جي وَھڪري جھڙو تَرنم بہ مِلي ٿو تہ، وَڻ جي پَڪل ميوي جھڙو مِٺاس بہ. پھاڙي جھرٽي جھڙي رَواني بہ مِلي ٿي تہ، رقص ۾ مَگن اَلھڙ وِينگس جھڙي بي خودي ۽ بي ساختگي بہ نظر اچي ٿي. اُن ۾ ڪنول جي گُل جھڙي شِگفتگي بہ آھي تہ، پنکڙيءَ تي ماڪ جي قطري جھڙي جاذبيت بہ محسوس ٿئي ٿي. مطلب تہ ھُن جي شاعريءَ ۾ دل تي دستڪ ڏيڻ جي سگھ بہ آھي تہ، دماغ تي اثر انداز ٿيڻ جي حِسيت ۽ حُسناڪي بہ.

شاھ عِنات رضويءَ جي شاعري، نہ رڳو ھوليءَ جي لحاظ کان گھري، رَسيلي ۽ مُترنم آھي، پر فڪر، تَخيل، تَدبر، تصور، جماليات ۽ فن جي حوالي کان پڻ انتھائي موھيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آھي. اُھو ئي سبب آھي جو، ھُن جي لفظي ذخيري، پيشڪش جي انداز، اسلوب، اظھار، شعري صنعتن، تمثيلن، ترڪيبن، مقامي ۽ اصلوڪي ڪِردارنگاريءَ جي بي مثال فن کي اَڄ بہ جڏھن ڏسجي ٿو، تڏھن اُن ۾ ڪمال جي نُدرت ۽ نِرملتا محسوس ٿئي ٿي. حقيقت ۾ ميون عِنات، نہ صرف پنھنجن مُتقدمين، پر پنھنجي سموري ھمعصر دور جي ڪوتاڪارن ۾ ھڪ اعليٰ پايي جي سِرجٹھار سان گڏوگڏ ھڪ نِجُ نِبار، تخليقي ۽ حيات بخش جماليات جو شاعر آھي.

اُن حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميين شاھ عِنات بابت پنھنجي راءِ ڏيندي، لِکي ٿو، ”قاضي قادن توڙي ميون شاھ ڪَريم اُصولي طور صوفي ۽ دَرويش ھئا، جن سلوڪ ۽ طريقت جي نُڪتن کي بيان ڪرڻ خاطر بيت چيا. سندن واسطي شاعري مقصد نہ، مگر ذريعو ھئي. ميون شاھ عِنات پنھنجي طبعي شوق سببان شاعر ساماڻو ۽ شاعريءَ مان پورو حِظُ حاصل ڪيائين. ميين شاھ عِنات ھڪ صوفي درويش جي حيثيت ۾ شاعري ڪانہ ڪئي، بلڪ شاعريءَ جي ذَات سندس واسطي درويشيءَ جو باعث بَني.“[3]

شاھ عِنات کان پھريان ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي عمارت جي نقشي ۽ اُن جي ابتدائي تعمير ۽ اُوسر ۾ يقيني طور شاھ عبدالڪريم ۽ قاضي قادن بنيادي ڪردار ادا ڪيو، پر ميين عِنات، نہ رڳو اُن عمارت جي تعمير ۽ آرائش ۾ پرپور بَھرو ورتو، پر اُن کي اُن قابل بڻايو، جو اڳتي ھلي پٽائيءَ جھڙي باڪمال شاعر بہ پنھنجي فڪري پيشوا ميين عِنات جي اُنھيءَ درسگاھ مان، نہ رڳو گھڻو ڪجھ پرايو۽ پُرجھيو، پر پنھنجي اُڏام جو آغاز بہ سندس شاعريءَ جي اَثر ۽ اُتساھ سان ڪيو، جنھن جي تصديق سندن ڪلام جي تقابلي مطالعي مان آساني سان ڪري سگھجي ٿي. نموني طور شاھ عِنات جي ڪلام مان چند مثال ھيٺ پيش ڪجن ٿا، جن جو شاھ لطيف نہ رڳو اَثر ورتو آھي، پر پنھنجي ڪمال فن ۽ ذَات ذريعي سندس ڪيترين ئي سِٽن کي پنھنجي شاعريءَ ۾ تضمين طور پيش پڻ ڪيو آھي.

چَندَ! تنھنجي باتِ، مون کي آھي مَن ۾،
اللہ لَڳِ عِنات چئي، تون اَڇو منجھ راتِ،
تَن جنھن جي تاتِ، سي ڏسي تون ڏيکارھون.
(ميون عِنات، ڪنيات-1: 7)

چَندَ! تنھنجي ذاتِ، پاڙيان تان نہ پرين سين،
تون اَڇو ۾ راتِ، سَڄڻ نِت سوجھرو.
(شاھ لطيف، ڪنيات-1: 14)

اَلست اَرواحن کي، جڏھن جاڳايو جَبارَ.
(ميون عِنات، ڪلياڻ-2: 1)

اَلست اَرواحن کي، جڏھن جاڳايو جَليلَ.
(شاھ لطيف، سھڻي-2: 1)

اللہ لَڳِ عِنات چئي، وِڪَ وَڏندي پاءِ.
(ميون عِنات، ڪنيات-3: 2)

ڪَرھا ڪَسر جَڏِ، وِڪَ وَڏندي پاءِ.
(شاھ لطيف، ڪنيات-2: 15)

لُڙ لَھرين، لَس ليڻ، تان عربي مون اُڪارِ.
(ميون عِنات، سرراڳ-1: 7)

لُڙ لَھريون، لَس ليڻ، جتي اَنت نہ لَڀي آب جو.
(شاھ لطيف، سِريراڳ-1: 7)

رھي نہ رَتيءَ جيتري، ڏِني جن ڏُئار،
تون تِني سين گھارِ، اُوڏا اَڏي پَکڙا.
(ميون عِنات، آسا-5)

ويٺي جن وَٽِ، ڏُکندو ڏور ٿئي،
تون تِنين سين ڪَٽِ، اُوڏا اَڏي پَکڙا.
(شاهہ لطيف، يمن ڪلياڻ- 8: 26)

ميين شاهہ عِنات ۽ شاهہ لطيف جي مٿين پيش ڪيل بيتن جو بغور مطالعو ڪرڻ کان پوءِ سُڌ پوي ٿي تہ، شاهہ لطيف جهڙو باڪمال شاعر ڪيترو نہ ميين عِنات جي ٻولي، استعارن، تشبيهن، تمثيلن، ترڪيبن، فن ۽ فڪر کان متاثر رهيو آهي. ميين عِنات جي مٿي ڏنل پهرين بيت، جيڪو ٽن سِٽن تي محيط آهي، ڀٽائي اُن جي بنيادي خيال جو قَلَمُ کڻي، نہ رڳو پنهنجي ٻن سِٽن جي بيت ۾ ڪمال مَهارت سان پيوند ڪري ٿو، پر شاهہ عِنات جي ٻين، ٽين، چوٿين ۽ پنجين بيت جو اصل خيالي جوهر ۽ سٽاءُ کڻي، اُن ۾ ڪجهہ لفظن ۽ پَدن جون معمولي تبديليون ڪري، اُنهن ۾ نئين معنويت ۽ تاثريت پيدا ڪري ٿو.

سنڌي ٻولي صدين کان وٺي مِڙني وصفين موهيندڙ، مِٺاس ڀري، شاهوڪار ۽ سُڌريل ٻولي رهي آهي. اُها نہ فقط پنهنجي شاهڪار لُغوي خزاني، لوڪ ڏاهپ، علمي، ادبي وسعت، تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي ورثي سبب ممتاز ۽ مثالي رهي آهي، پر پنهنجي لسانياتي خوبين ۽ خصوصيتن، اَسلوب، بيان، سَلاست، جِدت، احساساتي اَثريت ۽ صوتي آهنگ جي بي مثال نُدرتن ڪارڻ نِمايان ۽ نِرالي بہ رهي آهي.

هِن ٻوليءَ پنهنجي وجود جي هزارين سالن جي سفر ۾، جتي تاريخ جا ڪيترائي جَبر ۽ سِتم سَٺا ۽ حالتن جون اَلمياتي ڀوڳنائون ڀوڳيون آهن، اُتي اُن نہ رڳو تهذيبي، تمدني، تاريخي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي طرح پنهنجي اوسر ۽ ترقيءَ جا مرحلا ثابت قدميءَ سان طئي ڪيا آهن، پر پنهنجو شانائتو ۽ مانائتو تعارف پڻ قائم رکيو آهي. هِن اُن پوري مَسافت ۾ وڃايو بہ آهي تہ، حاصل بہ ڪيو آهي. ”سنڌي ٻولي قديم زماني کان وٺي پنهنجيءَ سرزمين تي حملي آورن ۽ فاتحن جي ٻولين کان گهڻو ئي ڪجهہ پئي ورتو آهي ۽ ساڳي وقت، اُنهن قومن جي ٻولين کي پڻ گهڻو ئي ڪجهہ پئي ڏنو آهي. اُهو ئي سبب آهي، جو سِنڌي ٻوليءَ جي لُغات ۾ هزارن جي تعداد ۾ پِراڪرت، سَنسڪرت، فارسي، يوناني، عربي، پورچوگيزي، تُرڪي ۽ انگريزي ٻولين جا بيشمار لفظ شامل ٿي ويا آهن. اُنهن لفظن مان ڪي تہ ايتري قدر سنڌي ٻوليءَ جي لُغوي خزاني ۾ ضم ٿي ويا آهن، جو اَڄ اُهي سُڃاڻپ ۾ ئي نہ ٿا اَچن تہ، ڪو اُهي لفظ اُوپرا آهن.“[4]

ميين شاهہ عِنات جي شاعريءَ ۾ پڻ ٻين ٻولين جي لفظن سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف علائقن ۾ مُروج لَهجن جا اهڙا اَنيڪ لفظ مِلن ٿا، جيڪي هِن وقت وِرلي ڪنهن علائقي ۾ واهپي هيٺ آهن، نہ تہ گهڻو ڪري مَتروڪ ٿي چڪا آهن. اهڙن لفظن ۾ خاص ڪري ’ڪاندِ، مَٽي، مَڱندا، اوباهو، توهہَ، پهيڙا، اَڳاهون، موڪ، پرمل، رَسئا، اَريج، سُٽيج، مُڪائين، اُڀينا، ڳُجهاندر، ٻُڪي، وِڇاڻو، اُڪنڊي، سانگُ، اُوٽو، ڀير، لوڏامون، پَلَڪَ، ڪِنان، هيڪاند، سوهاڙهِيو، موڏ، مَهند، هاوان، وِڏوٽي، ڪيڪان، هاهر، سُنگيا‘ ۽ ٻيا اهڙا بيشمار لفظ آهن، جيڪي سندس رسالي جي مختلف سُرن ۾ موجود آهن.

اُن کان علاوه سندس ڪلام ۾ ٻين ٻولين جهڙوڪ: عربي، فارسي، هندي، اردو، تُرڪي، سنسڪرت، سرائيڪي، بلوچي، ڍاٽڪي وغيره جا لفظ پڻ جهجهي تعداد ۾ موجود آهن. جيئن: ’صُور، نَفِسي، اَلست، داتا، ڪبير، صغير، ثمر، عاجز، مُرسل، التيحات، بُراق، عارف، خلوت، اوپر، دارون، ويڄ، سيڻ، ڪارون، تِڪَ، آهُڪُ، ڄُلائج، ڏِجاهون، وَلهو، مَست، حَبيب، مَتارن، موکي، سَرو، سَپاڻو، سور ٻَرو، آتش، کامي، اُجهايو، آڳِ، ڄِڀي، وَنِيُون، قَمر، شمس، قنديل، چوپا، مَعرفت، اُمت، طراز، وينتي، سَڦرو، قَرڦُل، ناڪُئا، ڪُڄاڙئو، ڪوه، مُعلم، سُتڙ، اَوَتڙ، کيڙائو، حُرمت، سَمرڻيون‘ وغيره. مذڪوره لفظن جي لُغوي معنائن کي سمجهڻ کان سواءِ هِن اعليٰ پايي جي شاعر جي شاعريءَ کي سمجهڻ ناممڪن آهي.

ميين عِنات جي پَروَرش ۽ پالنا توڙي جو نصرپور ۾ ٿي، جيڪو لاڙ پَٽَ جو علائقو آهي، جنهن جو لهجو ۽ لاڙي چوائي ٿو، اُن نسبت سان هُن جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجو حاوي نظر اچي ٿو. پر هُن جي سنڌ جي ٻين علائقن ۽ ٻوليءَ جي لهجن سان پڻ چگي تعلقداري رهي آهي. سندس مُرشد خيرالدين شاهه جو تعلق اُتر جي اَهم شهر سَکر سان هو، جنهن کري هُن جو اُوڏانهن اچڻ وڃڻ عام هو. اُنهيءَ کري مهراٽي، ناري ۽ اَڃڙي ٿر جي پنڌن ۽ پيچرن سان آشنائي هجڻ سان گڏوگڏ، نه رڳو اُنهن پَڌن ۾ مُروج ٻوليءَ جي مَکامي لهجن سان سندس سُڻي شناسائي هئي، پر هُو اُنهن سيني علائقن جي سماجي ريتن، رسمن، عوامي قصن، کٽائن، لوڪ روايتن ۽ لُغت کان پڻ پلي‌ءَ پِت واقف محسوس ٿئي ٿو. اُن جو وڏو ثبوت سندس شاعري آهي، جنهن ۾ اهڙا اَنيڪ مثال مِلن ٿا. سندس هيٺ ڏنل بيتن ۾، 'لاڙي، اُترادي ۽ ٿري' لهجي جي سُڃڻ نمايان نظر اچي ٿي.

دُکن ٿا دُونهان، سُرڳ سَناسين ٻَاريا،
رات ڏِکي رَهڻا، رَاوَل راهَ سُونهان،
وِرهَ ويراڳين جي، عام نه آنءُ چُئان،
راتو ڏينهن رُئان، ساريو لَڇڻ لاهوتين جا.

(ب- 2010ع، سرود رامڪلي، ف- 1، ص127)

کين ٿرين، کين ٿوهرين، کين اَباڻي چئجاءِ،
پائر جي پيرُن کي، اَئين کو عَرض ڪِجاءِ،
الله اُتِ نِجاءِ، ته لوئيءَ جي لَڄ رهي.

(ب- 2010ع، سرود مارئي، ف- 3، ص150)

ڳُٽين پرين رُڻامِ، اَوَڳُڻَ رُسي سَيڪو،
جڪس ٻاروتڻ ۾، ڪي ڪَبير ڪِئامِ،
تِهان پوءِ ٽِئام، سُپرين ڪَون سُڪِڙا.

(ب- 2010ع، سرود پورب، ف- 3، ص209)

مٿين بيتن مان پهرين بيت ۾ 'آنءُ، چُئان، رُئان' لاڙي لهجي، ٻي بيت ۾ 'چَئجاءِ، ڪِجاءِ، نِجاءِ' ٿري لهجي، ۽ ٽين بيت ۾ 'رُڻامِ، ٽِئام، ڪِئام، ڪَون ۽ سُڪِڙا' اُترادي لهجي کي عيان ڪن ٿا.

ميين عِنات رضويءَ جي شاعريءَ جي گهري مطالعي مان خبر پوي ٿي ته، هُن کي نه فقط شاعريءَ جي فني باريڪين جي سُڻي سُڌِ آهي، پر ڪيس ٻوليءَ تي ٻه وڏي دسترس حاصل آهي. هُو ٻوليءَ جي صرفياتي ۽ معنوي حقيقتن ۽ حُسناڪين جي آشنائيءَ کان علاوه صوتياتي سُندرتائن کان پڻ مڪمل آگاهه آهي، اُنهيءَ کري ئي هُو پنهنجي شاعريءَ ۾ هينئين قِسم جي نَين فني، لِسانياتي نَفاستن ۽ نَزاکتن پيدا ڪرڻ جي ڀرپور سَگهه ۽ سُرت رَکي ٿو.

اَڳلايون عِنات چَئي، خَطائون ڪَميج،
رُجن ۾ رَحم سان، رُکن الدين رَسيج،
واسي جينءَ وَسيج، اسان آساتن تي.

(ب- 2010ع، سرود ڏناسري، ف- 2، ص182)

ساڻي! وڃي شيخ ڏُونهه، ته پانڌي پِيرَ چُميج،
اَدب سان عِنات چَئي، وڃي راتِ رَهيج،

ڳُجهاندر ڳَرهيج، مُحبتان مُرشد سين.
(ب- 2010ع، سرود ڌناسري، ف- 5، ص192)

اَصل ۾، 'کَم، رَسُ، وَسُ، چُمُ، رَهُ ۽ ڳَرهه' لفظ اَمُر آهن. مٿين بيتن ۾، شاهه عِنات 'کَمج، رَسج، وَسج، چُمج، رَهج ۽ ڳَرهج' اَمُرن سان 'ي' اکر مِلائي، 'کَميج، رَسيج، وَسيج، چُميج، رَهيج، ڳِرهيج' لفظَ تخليق ڪيا آهن، جيڪي ٻوليءَ ۾ جِدت جي احساس پيش ڪرڻ سان گڏ شعر ۾ معنوي ۽ صوتياتي حوالي سان پڻ هڪ نئون لُطف ۽ لذت آڇين ٿا.

ميين شاهه عِنات جي شاعريءَ ۾ جتي ترنم ۽ خيال جي تازگي ملي ٿي، اُتي لوڪ دانش ۽ لُغت جو جهجهو خزانو به ملي ٿو. هُن وٽ لُغت جي ايتري اَميري آهي، جو هُو پنهنجي شاعريءَ ۾، اُٺَ لاءِ هڪ ئي وقت نه رڳو ڏهن کان وڌيڪ لفظَ، 'تُوڏو، بوتو، اُٺ، مَيُو، مِيزل، چانگو، ڪَرهو، ڪَنواٽ، ڏاگهو، لِيڙو، جماز، مَهري' استعمال ڪري ٿو، پر هڪ بيت جي سِٽ ۾، اُٺَ لاءِ لڳاتار ڇهه لفظ ڪَتب آندا اَٿائين، جيڪي سندس ٻوليءَ تي وڏي دسترس جي گواهي ڏين ٿا.

ڏاگها، چانگا، ڪَرها، لِيڙا، اُٺَ، جَمازَ. (ب- 2010ع، سرود ديسي، ف- 3، ص254)

-

سُوٽَ وَٽي سَيٽُ، جهل نه لانچهُون ڪَرهو. (ب- 2010ع، سرود کنڀات، ف- 2، ص106)

-

آڌيَ راتِ 'عِنات' چئي، ليڙا لانچيائون. (ب- 2010ع، سرود ديسي، ف- 3، ص255)

-

آڻِي اُٺَ جهڪايا، مَهَرِي مِهمانن. (ب- 2010ع، سرود ديسي، ف- 1، ص242)

-

چانگا! چِتَ منجهاءُ، مَڃُڻُ وِيڻُ وِسارِيين. (ب- 2010ع، سرود کنڀات، ف- 2، ص105)

-

ساڻِي جَن ڌَڻِي، تن سين مِهراڻ مَيا ڪري. (ب- 2010ع، سرود توڏي، ف- 1، ص287)

ائين الله تعاليٰ لاءِ وٽس، 'مولا، مالڪ، آگو، خالق، ڌڻي، الله، آقا، سَٻاجهو، ستار، داتا، ميان، راڄيو، راحم، رحيم' ۽ ٻيا اهڙا انيڪ لفظ موجود آهن، جيڪي هُو وڏي تعظيم ۽ عاجزيءِ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ هِن ريت ڪَتب آڻي ٿو:

الله لڳ عنات چئي، هورين هَلُ مَ اُٺَ. (ب- 2010ع، سرود کنڀات، ف- 3، ص110)

-

آگو 'شاهه عِناتُ' چئي، سڀ ۾ آهه مُبين. (ض،ع- 2019ع، سرود ڌناسري، ف- 2، ص75)

-

چُڪيسِ سَڀُ چَئي، موليٰ مينهن وَسائِيا. (ب- 2010ع، سرود سارنگ، ف- 2، ص284)

-

ساڻِي جَن ڌَڻِي، تن سين مِهراڻ مَيا ڪري. (ب- 2010ع، سرود توڏي، ف- 1، ص287)

-

سَٻاجها ستارَ، اُميريامِ مَ اُلِڙي. (ب- 2010ع، سرود ڪاپائتي، ف- 1، ص219)

-

اَلَستُ اَرواحن کي، جڏهن جاڳايو جَبارَ. (ب- 2010ع، سرود ڪلياڻ، ف- 2، ص88)

-

اَلف جِني کي اَنگُ، رهيو آهي روح ۾. (ب- 2010ع، سرود آسا، ف- 1، ص215)

-

آڏي جو، 'عِنات' چَئي، اوءِ اَلک سين اورين. (ب- 2010ع، سرود رامڪلي، ف- 1، ص216)

اُن کان علاوه هُو پنهنجي شاعريءَ ۾ تضمين طور قرآن مجيد جي ڪجهه آيتن ۽ سورتن جون منتخب سِٽون پڻ اهڙي فنائتي انداز سان استعمال ڪري ٿو، جو اُهي سندس فڪر، خيال، تخيل ۽ احساس کي نه صرف وڌيڪ تقويت ۽ تازگي بخشين ٿيون، پر سندس شعري اظهار ۾ وڌيڪ نِکار ۽ نزاڪت پيدا ڪن ٿيون. سندس اُنهيءَ اَسلوب ۽ فني خوبين جي پوئواري ڪندي، اڄڪلهه اُن انداز کي شاهه لطيف اهڙي نموني اَپنائي ٿو، جو اُهو ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ روايت جو درجو اختيار ڪري وڃي ٿو.

نتيجو:

شاهه عِنات پنهنجي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي مَتروڪ ٿي ويل لفظن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نئين معنوي حُسناڪي ۽ حِسيت سان استعمال ڪري، نه رڳو اُنهن لفظن کي ٻيهر جيئاريو آهي، پر پنهنجي شاعريءَ ۾ڪيترائي نوان لفظ، استعارا، تشبيهون ۽ ترڪيبون به تخليق ڪيون آهن.

مٿين عِنات جو هڪ وڏو ڪارنامو اُهو به آهي ته، هُن هڪ طرف ڏارين ٻولين جي سوين لفظن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ فنائتي انداز سان پنهنجائي، سنڌي ٻوليءَ کي اَمير ۽ آسودو ٻڌايو آهي ته، ٻي طرف اُنهن کي فڪري ۽ فني نزاڪتن سان جوڙي، اهڙو وِشال ڪئنواس عطا ڪيو آهي، جو انهن ۾ خيال ۽ تخيل جا رنگ ۽ روپ هر لحاظ کان وَجيهه ۽ حَسين محسوس ٿين ٿا.

"هر ڪو وڏو شاعر پنهنجي ماضيءَ جي ٻوليءَ کي جيئاريندڙ، حال جي ٻوليءَ کي محفوظ ڪندڙ ۽ مستقبل جي ٻوليءَ کي ايجاد ڪندڙ هوندو آهي. قومون اِن ڪري پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن، معنائن ۽ اُنهن جي استعمال لاءِ پنهنجن مُستند شاعرن کان سَندون ونَنديون آهن، انهيءَ ڪري قومي شاعرن جون لُغتون جوڙڻ (اُنهن جي شاعريءَ جون نِت نيون تشريحون ڪرڻ، اُنهن جي لفظي علامتن ۽ فڪري احساسن کي ساڃاهڻ، اُنهن جي شاعريءَ کي مُروج دور ۽ حالتن پَٽاندر فڪري ڏارائن سان لاڳاپي، پيش ڪرڻ، پڙهڻ ۽ پَروڙڻ) هڪ اهڙو بنيادي ڪم آهي، جيڪو نه رڳو اُنهن شاعرن کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو، بلڪ اُهو خود ٻوليءَ جي مجموعي پکيڙ ۽ پهچ، اصليت ۽ اهليت کي به برقرار رکي ٿو."[5]

بِلاشَڪ ميون شاهه عِنات رضوي، سنڌي ٻوليءَ کي نه رڳو مَحفوظ ڪندڙ، سَنواريندڙ ۽ سِينگاريندڙ آهي، پر اُن کي هڪ نئون جنم ۽ ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ کي اَنوکو جيئدان عطا ڪندڙ غيرمعمولي تخليقڪار آهي.

حوالا

1. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، مرتب: 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، 2010ع، ص: 58.
2. سميجو، اسحاق، ڈاڪٽر، (مرتب)، 'ميون شاهه عنات رضوي هڪ اڀياس'، ميون شاهه عنات فائونڈيشن، آڪٽوبر 2019ع، ص:7.
3. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، مرتب: 'ميين شاهه عنات جو ڪلام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، 2010ع، ص:66.
4. سمرات، گنگارام، پيش لفظ: 'اسان کي متان وساريو'، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، مارچ 1999ع، ص:2.
5. سنديلو، عبدالڪريم، ڈاڪٽر، ناشر پاران، 'سچل لُغات'، سچل سرمست يادگار ڪميٽي، خيرپور، 1984ع.